سنگت ۽ وچن



شري رامديو چاليسو

بابا اوتاري راما پير

اوم

شري راما پير نمه

سنکٽ موچن
بابا راما پير چالیسو

سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪندڙ:
ڪويراج هوندراج "دکايل"
گانڌي پريس.

ارپڻ پتر

ھٽي سڪ ۽ شرڌا سان پنھنجي ڪتب
سرڳواسي بزرگن جي ياد ۾ ھي ۽ سندر
پيت اوھان جي ھٿن ۾ ارپڻ ڪريان

پوجنيه ڏاڏو صاحب
جيوترام رامناڻي
پوجنيه ڏاڏي صاحب
شانتي ديوي

م پتا پرماتما سندن آتما کي شانتي
.

ڀالوُمل ڏيوجي مل رامناڻي

ڇپائيندڙ :
ڍالومل ڏيوجي مل رامناڻي
لڪي ڪئبل انڊسٽريز،
سوجٽي گيٽ جي اندر، جوڌپور.
فون - آفيس: ٢٥٦٣٣. گهر: ٢١٤٦٣.

ڪاپيون ٢٥٠٠

سنه ١٩٨٨

ڇپيندڙ :
ايم. پي. رائچنداڻي
آشا پرنٽرس، هاٿي ڀاٽا، اجمير.



شري رامديو چاليسو

دوهو

جئہ، جئہ پريو رامديو، ديهن جا داتار،
ت سگت جي رکي، لاهيج پاپ اپار،
ي وس تو آسري، مالڪ تون مختيار،
جا پوَ تار، ڏيئي پانڊ پناهہ جو!

پہ اکر

باٻي راما پير جو چاليسو سيني دڪن جو
ڪٽڻ وارو ؟ من وانڇت ڦل ڏيڻ وارو آهي
هن چاليسي ڇپائڻ جي شيوا ٻالومل ڏيو جي مل
ڇنوڙي واري ڪئي آهي. هن چاليسي جي
رچنا ڪويراج هوندراج 'دکايل' گانڌي ڌام واري
ڪري ڏني آهي. هن چاليسي جي ڇپائڻ
اسانجي نياڻي اجمير نواسي سشيلا موٽواڻي
وڏو سهيوگ ڏنو آهي.

جيڪو به هن باٻي راما پير چاليسي ج
پريم سان پاٺ ڪندو، تنهن جا سڀ ڪشٽ
ڪافور ٿي ويندا.

ڀائيو رامچند
جوڌپور

(۴)

اَلک، اَجنما، پُرک اَڪالي،
سهڻي صُورت پولي پالي،
سرت سوائِي، نرت نرالي،
تنهنجي ظاهر درس ديالي،
در تي تنهنجي آيل سوالي،
موٽيو مُور نہ خاوند خالي!
جنهن جنهن توکي واريو والي،
تنهن جي لاشک تو پت پالي،
چمت رکي نت تر تنهن چالي،
ويساهين جي وات سنڀالي!
ڏاس ذاس تنهنجي ڏاتاري،
جئہ جئہ رامديو اوتاري!

چؤپائي

(١)

جئہ جئہ رامديو اوتاري ،
هيڻن ڏُٻرن جا هٿڪاري !
سهڻي تنهنجي سرس سواري ،
نيلي گهوڙي تي هسواري !
تنهنجي عالم تي اختياري ،
مان ٻولو ٻانئو بيڪاري !
سڻ هڻي آيس سڪ واري ،
مهنا تنهنجي آئرم آپاري !
ڪا نہ زبان ڪٿي ويچاري ،
تنهنجي آهي عجب خماري ،
جئہ جئہ رامديو اوتاري !

(۴)

ٽنهنجي در جنهن ڪوليو ڪاٽو،
اهڙي شيوڪ سيڪجهه پاٽو،
مايا سان پـر جنهن مـن لاٽو،
ڪونہ ڪري سگهندو سو ڪاٽو،
نينهن رکي جنهن جوڙيو ناٽو،
پالجي ڪين ٻٽيو سو آٽو،
ساڌڪ جنهن دستور سڄاٽو،
تنهن توکي ڪـن ٻـل ۾ ڄاٽو،
سچ سچ آءُ چوان ٽو مان تو،
ڀاڪ نہ پوندو هٿ وڏ واٽو،
توٽان آهي ڪل جگ واري،
جئہ جئہ رامديو اوتاري!

(٣)

آئي وقت تون تارڻ وارو،
ٻولن ٻيڙين جو رکوارو،
جنهن پئي تنهنجو وَٽو پيارو،
ويو وڃائي بيشڪ وارو،
تو نه ڏٺو ڪو گورو ڪارو،
هر جن توکي لڳو پيارو!
دين ٻڌي جنهن پيتو دارو،
تنهنجو تون نت ٿئين آڌارو،
شردا سان پڪارڻ وارو،
تري ويو ڀوَساگر سارو،
وس ساري تنهنجي آياري،
جئه جئه رامديو اوتاري!

(٦)

درجن، دشمن کي مت ڏين ٿو،
دين دکين جا ڪشٽ ڪٽين ٿو،

ڀڳتن جي هردي ۾ رهين ٿو،
ڏهن ٿي ڏسائن مدجهه وسين ٿو،

جنهن نه ڏٺو ڀيو آنڌهدجو ٿين ٿو،
ڪمت ڪيڏي سمٽي بخشين ٿو،

نرمل ڌام وٽي نت نين ٿو،
نوَر محل ۾ رنگ رچين ٿو،

ڪرم ڌرم جي راهه ڏسين ٿو،
آئي ويل اچي پهچين ٿو،

تون ترڻ تارڻ جو ڪرتاري،
جئه جئه رامديو اوتاري!

(٥)

ڇاڻي ڇاڻڻهار سدائين ،
تون نہ ڪيو ڪنهنجو بہ وڇائين ،
سڪ وارن جو سڏ ورنائين ،
سڀ جو پورهيو پلءِ پائين ،
ڪارج سڀ نہ ڪڏهن اٽڪائين ،
تـو سيڻي جي آس پڄائين ،
ڀڳتن پنهنجن کي نت پائين ،
جن جي ڏک آهي تو تائين ،
دير اچڻ ۾ مور نہ لائين ،
پورڻ پير سماجها سائين !
دنيا کي تنهنجي درڪاري ،
جئہ جئہ رامديو اوتاري !

(٨)

تو ڀيرن جو ڳيرب ٽوڙيو،
مسڪينن سان ناتو جوڙيو،
ڪارو پاڻي مٺو بڻايو،
هر جيءَ جو آڳيان مٺايو،
خالي ڪوڊ ڀري دلجيءَ جي،
ويساهين جي رکي تو مرضي،
سڀنا جي تو ٿي پت پالي،
ڪوڊ نه جنهن جي تنهن ڏي خالي،
شرن اچي سر جو نه نوائي،
ڪال به تو تنهنکان ڪوُ ڪائي،
ڀاڀل توتان جڳ ٻلهاري،
جڳ جڳ رامديو اوتاري!

(٧)

ليلا تنھنجي اُپرم اپاري ،
پوَ دکہ پنجن سکہ ڏيڻ واري ،
ڏٺ پت تنھنجي ھلن ديا سان ،
ڪٽجن ڪشٽ ٽا مھر ميا سان ،
نر بدّي نر پيي گيان تو پاڻي ،
گونگو نت تنھنجا گڻ ڳاڻي ،
پگتن جا پوَ ٽارڻ وارو ،
تون آھين وس جو رکوارو ،
تو ھلندڙ جي ھيڙي تاري ،
اوڻ منجھان تي مصري ساري ،
تنھنجي مھما آھہ نياري ،
جئہ جئہ رامديو اوتاري !

(١٠)

جو تنهنجو چاليسو ڳائي،
گهر وينٺي سک سمپت پائي،
ماس آسري ڊالي پائي،
ڀاڳي جي من کي سڌ آئي،
سندر ڌام جوت پور سوامي،
جڳ ساري جا انترجامي،
جن پيي تنهنجو پرچو پاتو،
شڪتي ء تنهنجي کي آ ڄاتو،
تو سيني سان پال پلايا،
شرن ۾ ٻالڪ جيڪي آيا،
دنيا کي تنهنجي درڪاري،
جئه جئه رامديو اوتاري!

(۹)

اَچرج تنهنجا ڪهڙا ڳايان ،
ڪهڙو توکي ناٿ وڏايان ،
ٻئي ڪنهن ڏي مان ڇو واجهايان ،
پيچ رڳو هڪ توسان پايان ،
تو هڪڙي سان لنؤ لايان ،
لالڻ ! پنهنجو نينهن نڀايان ،
گيان وٺي اَگيان گنوايان ،
توکي اَٺئي پهر ڌيايان ،
ساهه پساهه ۾ توکي پايان ،
ڪين اَجايو من ڀرمايان ،
تون سنگت جي ڪندين ستاري ،
جئه جئه رامديو اوتاري !

ورڙهي جب کروٽا کر، هوس دکس ڪابا ۽
ٽاگت ڀريو تيري ، ڀڳتن ڀرس ڀالا ۽
وم جڻ اجمل لالا ....

ڻي شري رامديو جي کي ،
جو ڪوئي نر گاوي ۽
ڪٽي پاپ جنم جنم کي ،
موکش پد پاوي ۽
وم جڻ اجمل لالا ....

آرتي

جئه اجمل لالا، بابا جئه اجمل لا
پڳيت ڪارج ڪلجڳ ۾، ليما اوتا
اوم جئه اجمل لالا ....

١. اشون کي سواري، ڪنڌر پا جا
سيس ٽروهڊ سوهي، هاٿ ليئي پ
اوم جئه اجمل لالا ....

٢. ڊوبتي جهاز اباري، پنڌرو راڪشس ما
ڪرشن ڪلا پنه پنجن، رام روٺيچي و
اوم جئه اجمل لالا ....

٣. آنند کو بابا نيتر ڏينا، سڪ سمپتي
ڪانن ڪنڊل جهل مل، گلي پشپ کي
اوم جئه اجمل لالا ....

پلئم

راما ملھان شياما، ڪاڄيگہ وھي ڪ
عرض ڪرٻان اجمل کي، ملهو ٻه ڪ
ڪيسريو پاگو ٻڌيو، ترو وھد تار ھ
پشچم سند و باد شاھ، تون راجو راج
راما چئون ڪ رامدي وَ، ھيرا چوان ڪ
جنڪي ڏنو سهڻو سنو رامدي و، سو ھو گيا ن
آنڌن کي اکيون ڏنئہ، پنگلن کي پير ڏ
وانجهن کي پت ڏنئہ، ڪوڙهين جا ڪوڙھ ڪ
ڪل عالم جو خير ڪرين،

تنهن صدقي مون مسڪين جو پلو

ٻولو ٻابي راما پير ڪي جئہ.
نشڪلنڪ ڏٽي ڪي جئہ.
اجمل گهر اوتار ڪي جئہ.
نيري گهوڙي ڪي ھسوار ڪي جئہ.
سيني سنتن ڪي جئہ.

